امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ربيع الآخر 1441 هجري مطابق ڊسمبر 2019 تي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه (ڪراچي) ۾ مدني مذاڪري ڪان پهريان ٿيڻ واري بيان جو تحريري گلدستو مع ترميم و اضافو) يادشريف جي موقعي تي ٿيڻ واري بيان جو تحريري گلدستو بنائ)



# غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو شان

سنڌي

الله پاڪ جي ويجهو ٿيڻ جو وظيفو

سوشل ميڊيا جي هڪ پوسٽ

وسوسو ۽ ان جو جواب

70 هزار جو اجتماع

پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامی)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو غوث اعظم رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو شان

ڇاپو پهريون: ربيع الغوث 1444ھ، آڪٽوبر 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ
دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو ربيع الآخر 1441 هجري مطابق ڊسمبر 2019 تي عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ(ڪراچي) ۾ مدني مذاڪري ڪان پهريان ٿيڻ واري بيان جو تحريري گلدستو ترميم ۽ اضافي سان گڏ بنام

# غوث اعظم رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه جو شان

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

www.dawateislami.net

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# غوث اعظم رحمۃ اللہ علیہ جو شان

## الله پاڪ جي ويجهوٽيڻ جو وظيفو

الله پاڪ حضرت موسيٰ ڪليم الله عَلَيْهِ السَّلَام تي وحي نازل فرمائي: اي موسيٰ! ڇا توهان چاهيو ٿا ته جيتري قدر توهان جو ڪلام توهان جي زبان جي، توهان جا خيالات توهان جي دل جي، توهان جو روح توهان جي بدن جي، توهان جي بينائي جو نُور توهان جي اک جي ويجهو آهي، مان ان ڪان بہ وڌيڪ اوهان جي ويجهو ٿي وڃان؟ عرض ڪيائين: هائو! فرمايو: پوءِ محمد مصطفيٰ (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) تي ڪثرت سان درود شريف موڪليو.

( حلية الاولياء، 6/33،رقم:7716 ـ مطالع المسرات (اردو) ، ص 69)

نوح و خلیل و موسیٰ و عیسیٰ
سب کا ہے آقا نامِ محمد

پائیں مُرادیں دونوں جہاں میں
جس نے پکارا نامِ محمد

دونوں جہاں میں دُنیا و دِیں میں
ہے اِک وسیلہ نامِ محمد

رکھو لَحد میں جس دَم عزیزو
مجھ کو سُنانا نامِ محمد

روزِ قیامت میزان و پُل پر
دے گا سہارا نامِ محمد

(قبالۂ بخشش،ص 134)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# شيطان کي سچائي ورتو

شهنشاهِ بغداد، حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا صاحبزاده حضرت شيخ اَبُو نَصر موسيٰ بن شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي والد(يعني غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) ارشاد فرمايو: مان هڪ سفر ۾ ريگستان ڏانهن ويس ۽ ڪجھ ڏينهن اتي رهيس، پر اتي مون کي پاڻي نہ ملندو هو، جڏهن مون کي گهڻي اُڄ جي سختي محسوس ٿي تہ هڪ ڪَڪر مون تي ڇانوَ ڪئي ۽ ان مان مون تي ڪجھ برسات جا ڦڙا ڪريا، جنهن کي مون پي ڇڏيو، پوءِ مون هڪ نُور ڏٺو جنهن سان آسمان جو ڪنارو روشن ٿي ويو ۽ هڪ شڪل ظاهر ٿي جنهن مان مون هڪ آواز ٻڌو: اي عبدُالقادِر! مان تنهنجو رَبّ آهيان ۽ مون توهان تي حرام شيون حلال ڪيون آهن، تہ مون ''اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيطٰنِ الرَّجِيم'' پڙهي چيو: اي شيطان لعين! پري ڀڄ. تہ روشن ڪنارو اونداهي ۾ بدلجي ويو ۽ اها شڪل دونهو بڻجي وئي، پوءِ ان مون کي چيو: اي عبدُالقادِر! مون اهڙي طرح 70 مشائخن کي گمراھ ڪيو پر توکي تنهنجي عِلم بچائي ورتو. مون چيو: اهو صرف منهنجي رَبّ جو فضل ۽ احسان آهي، شيخ اَبُونصر موسيٰ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون ڪين پڇيو تہ اوهان ڪيئن سڃاتو تہ هي شيطان آهي؟ پاڻ ارشاد فرمايائون: ان جي هن ڳالھ سبب تہ بيشڪ مون تنهنجي واسطي حرام شين کي حلال ڪيو آهي. (بہجۃ الاسرار، ص 228)

حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَیۡه فرمائن ٿا: اهو خيال ڪرڻ ته شرعي مُڪَلَّفات (احڪامات) ڪنهن حالت ۾ معاف ٿي ويندا آهن. غلط آهي. فرض عبادتون ڇڏڻ بي ديني آهي. حرام ڪمن جو ڪرڻ معصيت(يعني گناهه) آهي. فرض ڪنهن به حالت ۾ مُعاف ناهي هوندو. (حقائق عن التصوف، ص 242)

اي عاشقانِ غوث اعظم! اوهان ڏٺو ته نماز روزا فرائض ڪنهن به صورت ۾ معاف ناهن ٿيندا. جيئن ته ڪجهه نالي جا پير جيڪي نماز ناهن پڙهندا جڏهن انهن جي مُريدن کان پڇيو وڃي ته چوندا آهن ته اسان جا پير صاحب بغداد ۾ فجر جي نماز پڙهندا آهن ۽ ظهر وري اجمير ۾ ادا ڪندا آهن، روزانو عشاء جي نماز مديني شريف ۾ پڙهندا آهن ته اهڙي قسم جي ڳالهين ۾ نه اچڻ گهرجي جو سَيّدُالانبياء صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي به نماز معاف نه هئي بلڪ اسان تي پنج وقت نمازون فرض ۽ اسان جي آقاء مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڇهه نمازون فرض، جي ها اسان جي آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي تهجد به فرض هئي، وڌيڪ هي ته غوث پاڪ کي شيطان دوکو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پر پاڻ رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَیۡه ان جي وار کي ناڪام بڻائي ڇڏيو، ان ٻيو وار ڪيو ته عبدالقادر اوهان کي اوهان جي علم بچائي ورتو ته غوث پاڪ ان کي به سمجهي ويا ته منهنجي علم نه منهنجي ربّ مون کي بچائي ورتو، لهٰذا هن علم تي غرور نه ڪرڻ گهرجي، هرحال ۾ ربّ ڪريم جي

رحمت تي نظر رکڻ گھرجي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ غوث اعظم! اھو بہ معلوم تيو!تہ شيطان وڏو مڪار آھي، اھو طرح طرح جا جادُوءَ وارا ڪرتب (Magical trick) ) بہ ڏيکاريندو آھي، ان جي وار کان هميشہ خبردار رهڻ گھرجي، پنھنجي عقل ۽ هوشياري تي اعتماد ڪرڻ بدران الله پاڪ جي فضل وڪرم تي نظر رکڻ گھرجي. ياد رهي! جنھن وٽ مال هوندو آهي ان وٽ چور ايندو آهي ۽ جنھن وٽ ايمان جي دولت آهي ان وٽ ايمان جو ڦورو شيطان ضرور ايندو آهي پڻ جنھن جو ايمان جيترو مضبوط هوندو ان وٽ ايتري قدر نيڪين جي خزاني جي بہ ڪثرت هوندي تنھنڪري اتي شيطان تمام گھڻو زور لڳائيندو آهي. اسان جي پيرومرشِد حُضُورِغوثِ اعظم رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وٽ ايمان ۽ عملن جي خزانن جا انبار ڏسي شيطان ڌاڙو هڻڻ جي ڪيئي پيرا ڪوشش ڪئي پر اَلحَمدُلله! اهو مردود ناڪام ۽ نامُراد تي ويو.

بچالو دشمنوں کے وار سے یا غوثِ جیلانی
بڑی اُمّید سے تم کو پُکارا یاشہِ بغداد

وسیلہ چار یاروں کا خُدا سے بخشوا دیجے
کرم فرمایئے مجھ پر خُدارا یا شہِ بغداد

اگرچِہ لاکھ پاپی ہے مگر عطّار کس کا ہے؟
تمہارا ہے تمہارا ہے تمہارا یاشہِ بغداد

(وسائلِ بخشش، ص 544)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# هڪ جنّ جي توبہ

اي عاشقانِ غوث اعظم! اسان جي مرشد غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي عبادت تي استقامت سندن تمام وڏي ڪرامت آهي. مشهور مقولو آهي: اَلۡاِسۡتِقَامَةُ فَوۡقَ الۡکَرَامَةِ يعني استقامت ڪرامت کان وڌيڪ آهي.

اي عاشقانِ غوث اعظم! اسان جوش ۾ اچي ڪري ڪجھ ڪم ڪندا آهيون پوءِ ٺڏا ٿي ويندا آهيون، جنهن ڪي سوڊا واٽر جي جوش جو نالو ڏنو ويندو آهي، منهنجي غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي استقامت جي بہ ڇا تہ شان آهي! جيئن تہ شهنشاھ بغداد سرڪار غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان جامع منصور ۾ نماز ۾ مصروف هئس تہ **نانگ** اچي نڪتو ۽ ان منهنجي سجدي جي جڳھ تي مٿو رکي ڪري وات کولي ڇڏيو، مون ان کي هٽائي ڪري سجدو ڪيو پر اهو منهنجي ڪنڌ سان چنبڙي پيو پوءِ اهو منهنجي هڪ ٻانهن ۾ گهڙي ڪري ٻي ٻانهن مان نڪتو، نماز مڪمّل ڪرڻ ڪانپوءِ جڏهن مون سلام ورايو تہ اهو غائب ٿي ويو. ٻئي ڏينهن جڏهن مان انهيءَ مسجد ۾ داخل ٿيس تہ مون کي هڪ **وڏين وڏين اکين وارو ماڻهو** نظر آيو، مون ان کي ڏسي ڪري اندازو لڳايو تہ هي شخص انسان نہ بلڪ کو **جِنّ** آهي، اهو **جِنّ** مون کي چوڻ لڳو تہ مان اوهان کي تنگ ڪرڻ وارو اهو ئي **نانگ** آهيان، مون **نانگ** جي صورت ۾ تمام گهڻن اولياءَ الله رَحِمَهُمُ الله کي آزمايو آهي پر اوهان جهڙو ڪنهن کي بہ ثابت قدم ناهي ڏٺو، پوءِ اهو جِنّ پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي دستِ حق

پرست تي تائب ٿي ويو. (بهجة الاسرار 169 دارالكتب العلميه بيروت)

ہوئے دیکھ کر تجھ کو کافر مسلماں
بنے سنگدل موم ساں غوث اعظم

صَلُّوۡاعَلَی الۡحَبِیۡب!　　　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

خشوع و خُضوع (يعني نماز ۾ الله پاڪ جي لاءِ عاجزي ۽ انڪساري سان جسماني ۽ ذهني توجهه) هجي ته اهڙو جو نماز ۾ چاهي نانگ ئي چنبڙي وڃي پر الله پاڪ جي طرفان توجهه نه هٽي. افسوس! هڪ اسان جي نماز آهي جو جيڪڏهن اسان تي مک به ويهي رهي ته پريشان ٿي ويندا آهيون، معمولي خارش به اسان کان برداشت نٿي ٿي، هن واقعي مان اهو به معلوم ٿيو ته جنّات به اسان جي غوث الاعظم رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ جا مريد بڻجي ويندا آهن.

شيخ اَبو عبدالله محمد رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: مون قُطبِ ربّاني، محبوب سُبحاني، پير لاثاني، قنديلِ نوراني، شيخ مُحيُّ الدّين، عبدالقادر جيلاني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي چاليهه سالن تائين خدمت ڪئي، هن عرصي ۾ ڪين عشاء جي وضو سان فجر جي نماز پڙهندا هئا ۽ پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو معمول هيو ته جڏهن بي وضو ٿيندا هئا ته اُنهيَ وقت وضو ڪري به رڪعتون نفل نماز پڙهندا هئا. (بهجة الاسرار، ص 164)

# تَحِيَّةُ الْوُضُو جي فضيلت

اي منهنجي مرشد غوث پاڪ جا ديوانؤ! وضو ڪرڻ ڪان بعد جيڪڏهن مڪروه وقت نہ هجي تہ ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪرڻ کي ”تحيَّةُ الوضُو“ چوندا آهن تَحِيَّةُ الْوُضُو جي وڏي فضيلت آهي ۽ هي نيڪ ٻڌڻ جو نسخو”نيڪ اعمال“ مان هڪ نيڪ عمل بہ آهي. صحيح مُسلم شريف جي حديث نمبر 553 ۾ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو شخص چڱي طريقي سان وضو ڪري ۽ ٻہ رڪعتون دل جي توجهہ سان ادا ڪري تہ ان جي لاءِ جنت واجب ٿي ويندي آهي. (مسلم، ص 118، حديث: 553)

هو کرم! حُسنِ عمل آہ! نہیں ہے کوئی
نہ وظائف ہیں نہ اَذکار ہیں غوثِ اعظم
حشر کے روز ہماری بھی شَفاعت کرنا
آہ! ہم سخت گنہگار ہیں غوثِ اعظم

(وسائلِ بخشش، ص 561)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# غوث پاڪ جي شبّ بيداري

اي عاشقانِ غوث اعظم! منهنجا پيرومرشد حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گهڻي عبادت و رياضت ۽ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا. جيئن منقول آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پندرهن سالن تائين سڄي رات ۾

هڪ قرآنِ پاڪ ختم ڪندا رهيا. (بهجة لاسرار، ص- 118) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو هڪ هزار رڪعتون نفل پڙهندا هئا. (تفريح الخاطر، ص 35) هڪ رات جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي معمولات جو ارادو ڪيو تہ نفس سستي ڏياريندي ٿوري دير سمهڻ ۽ بعد ۾ اٿي عبادت ڪرڻ جو مشورو ڏنو سو جنهن جڳهہ دل ۾ اِهو خيال آيو هو انهيءَ جڳهہ ۽ انهيءَ وقت هڪ پير تي بيهي پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ قرآنِ ڪريم ختم ڪيو. (بهجة القادريہ)

## نمازن ۾ سستي ڇو

اي عاشقانِ غوث اعظم! اسان پنهنجي سستي جي باري ۾ ڇا چئون! فجر جي اَذان تي اک کُلي وئي، گهڙي ڏني، اجا تہ جماعت ۾ ٿوري دير آهي پوءِ 15 منٽن جي لاءِ سمهي پوندا آهيون جڏهن اٿندا آهيون تہ سج نڪري چڪو هوندو آهي ۽ نماز قضا ٿي ويندي آهي، پوءِ چوندا آهيون هلو هاڻي قضا ڪري پڙهي وٺنداسين، نماز قضا ٿيڻ جو افسوس بہ ناهي ٿيندو اها ڪيتري وڏي مصيبت آهي، ٿوري مصروفيت هوندي آهي تہ چوندا آهيون هلو نماز قضا ڪري پڙهي وٺنداسين، عورتون هن مصيبت ۾ گهڻيون پيل آهن، شاپنگ سينٽر وينديون نماز قضا ڪري پڙهنديون، سي بہ اُهي جيڪي نمازي آهن، جيڪي نماز نٿيون پڙهن انهن جي تہ ڳالهہ ئي الڳ آهي. ڪنهن جي شادي يا دعوت ۾ ويا تہ اسلامي ڀائرن جي بہ نماز وئي، جن کي جذبو هوندو ٿي سگهي ٿو اهي دڪ ڀائي شايد مسجد ۾ پڙهي وٺن، عورتون تہ ان جي بہ پرواهہ ناهن ڪنديون، ايئن نہ ڪيو! اوهان دنيا

۾ ڪتي به هجو شاپنگ سينٽر يا بازار شرعي پردي جي رعايت سان نماز جي پابندي ڪرڻي آهي، بلڪ اهڙي وقت ۾ وجو جو ان ۾ نماز جو وقت نه هجي، پنهنجو ڪم پورو ڪري يڪدم گهر اچو ۽ گهر اچي ڪري اطمينان سان نماز ادا ڪيو ۽ جيڪڏهن اوهان سان ڪو محرم آهي ته نمازن جي وقتن کان علاوه عام طور مسجد خالي هوندي آهي، اُتي پردي ۾ وضو وغيره ڪرائي نماز پڙهائي ڇڏيو. جڏهن مون سان سيڪيورٽي جا معاملا نه هئا، ته ڪنهن مسجد ۾، مون پاڻ پنهنجي ڌيء، ٻارن جي امڙ کي سفر وغيره ۾ نماز پڙهائي آهي، گهر نتا پڇي سگهون ته هتي ئي نماز پڙهي ونون ٿا. جيڪڏهن جذبو هوندو ته اوهان ڪري سگهو ٿا.

افسوس! اسان نماز جي معاملي ۾ سنجيده (Serious) ناهيون. ياد رکو! بهانا اهي ٻڌايو جيڪي قيامت ۾ اوهان کي بچائي سگهن، نه ته اسان هڪ ٻئي کي مطمئن ته ڪري وٺندا آهيون، رب کي سڀ خبر آهي. جيڪي نماز نٿا پڙهن انهن کي به نمازي بڻجي وڃڻ گهرجي، نه ته مرڻ کان پوءِ گهڻو پڇتائيندا.

کرلے توبہ رب کی رحمت ہے بڑی | قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! | صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## وسوسن جو جواب

ٿي سگهي ٿو ڪنهن جي ذهن ۾ اِهو سوال اُڀري ته بزرگانِ دين

رَحِمَهُمُ اللّٰه ايتري گهڻي عبادت ڪيئن ڪندا هئا روزگار ۽ وري هزار هزار رڪعتون پڙهي ونڻ، پهرين ڳالهه اها تہ ايتريون رڪعتون عام انسان نتو پڙهي سگهي، هي انهن جي ڪرامت آهي، جيئن مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت علي المُرتضي، شيرخدا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جڏهن گهوڙي تي سوار ٿيڻ لڳندا هئا تہ هڪ رڪاب ۾ پير مبارڪ رکندا هئا پوءِ ٻيو پير ٻي رڪاب تائين آڻيندا هئا تہ انهن ڪجهہ ئي سيڪنڊن جي وقفي ۾ سجو قرآن ڪريم تلاوت ڪري وٺندا هئا، اها سندن ڪرامت هئي. (شواہد النبوۃ ، ص212)

## سوشل ميڊيا جي هڪ پوسٽ

نيڪ ٻانهن جون دليون محبتِ الٰهي ۽ پرهيزگاري سان آباد هونديون آهن، هي پنهنجي دلين مان دنيا جي محبت ڪڍي ڇڏيندا آهن، هنن جا روح ذڪرِ الٰهي کان بغير بي چين و بيقرار رهندا آهن، انڪري هي هر گهڙي يادِ الٰهي ۾ مصروف رهندا آهن ۽ اِهو مقام عبادت و رياضت ۾ سخت محنت ڪرڻ سان حاصل ٿيندو آهي. سوشل ميڊيا جي هڪ پوسٽ(ڪجهہ تبديلي سان بيان ڪريان ٿو) جنهن ۾ ڪنهن چوٽ رسائڻ جي لاءِ هي لکيو: هڪ شخص ٻئي کان سوال ڪيو تہ بزرگانِ دين ڪيئن سجي سجي رات نماز ۽ قرآن پڙهندي گذاريندا هئا، تہ ٻئي جواب ڏنو اڄ جهڙي طرح ماڻهو سجي سجي رات سوشل ميڊيا تي (Chatting) يعني گفتگو ڪرڻ، ويڊيوز ڏسڻ وغيره ۾ گذاري ڇڏيندا آهن ۽ ڪيئي پيرا ٿڪاوت ۽ سُستي

جو اظهار بہ ناهي ٿيندو، هاڻي خبر پئي تہ اڳي جا بزرگ ڪيئن سڄي سڄي رات عبادتن ۾ گذاري ڇڏيندا هئا جو انهن جو چين و سڪون يادِ پروردگار ۾ هو جنهن جي ڪري اهي پنهنجي پاڪ پروردگار جي ياد ۾ اهڙي طرح مشغول ٿي ويندا هئا جو سڄي رات گذري وڃڻ جي خبر بہ ڪانہ پوندي هئي ۽ اسان دنيا جي لذتن ۾ ائين تہ بدمست ٿي ويا آهيون جو اسان کي دنياوي خواهشن کان واندڪائي نٿي ملي. سڄي سڄي رات گناهن، ڪچهرين، ميوزيڪل پروگرامن، نچڻ ڪُڏڻ جي محفلن ۾ گذري وڃي ايئن لڳندو آهي ڄڻ رات ننڍي ٿي وئي جيئن ئي نماز پڙهڻ جي واري ايندي آهي بلڪل جان ئي نڪري ويندي آهي، پاڻي ٿڌو آهي! نماز ڪيئن پڙهنداسين! هاڻي ٿڪاوٽ آهي، سياڻي فجر ۾ گڏائي پڙهي وٺنداسين، اها اسان جي قوم جي حالت آهي. الله ڪريم غوث پاڪ جي صدقي اسان سڀني کي پابندي سان صحيح نماز پڙهڻ جي سعادت بخشي.

الله ڪري اسان سڀئي پڪا نمازي بڻجي وڃون، اهڙي آمين چئو جو شيطان بہ لرزي وڃي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! اسان پڪا باجماعت نماز پڙهڻ وارا بڻجنداسين.

غوث پاڪ کي شيطان عبادت ۾ سُستي ڏياري تہ پاڻ سڄي رات هڪ پير تي بيهي قرآن ڪريم جو ختمو ڪيائون تہ اسان بہ غوث پاڪ جا مريد آهيون. دنيا هيڏانهن کان هوڏانهن ٿي وڃي،

برسات هجي، طوفان هجي، زلزلو هجي يا مينهن جا ڳڙا وسي رهيا هجن، اسان نماز نہ ڇڏينداسين.اِنۡ شَآءَاللهُ الۡكَرِيۡم!

ہر عبادت سے بَرتَر عبادت نماز ‌‌ ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز
قلبِ غمگیں کا سامانِ فرحت نماز ‌‌ ہے مریضوں کو پیغامِ صحت نماز
نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ ‌‌ رب سے دلوائے گی تم کو جنّت نماز
بھائیو! گر خُدا کی رِضا چاہیۓ ‌‌ آپ پڑھتے رہیں باجماعت نماز
ہوگی دنیا خراب آخرت بھی خراب ‌‌ بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
بے نمازی جہنّم کا حقدار ہے ‌‌ بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
سَہہ سکو گے نہ دوزخ کا ہرگز عذاب ‌‌ بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز
یاخُدا تجھ سے عطّار کی ہے دعا ‌‌ مُصطفٰے کی پڑھے پیاری اُمّت نماز

صَلُّوۡاعَلَی الۡحَبِيۡب! ‌‌ صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عبادت جي ڪثرت

حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو پندرهن (15) سالن تائين اهو حال رهيو تہ عشاء جي نماز کان بعد هڪ پير تي بيهندا ۽ قرآنِ ڪريم پڙهندي پڙهندي رات گذاري ڇڏيندا هئا.(اخبار الاخيار،ص11) اڪثر هڪ ٽهائي رات ۾ ٻہ رڪعتون نفل ادا ڪندا هئا هر رڪعت ۾ سُوۡرَةُ الرَّحۡمٰن يا سُوۡرَةُ الۡمُزَّمِّل جي تلاوت ڪندا، جيڪڏهن ”سُوۡرَةُ الۡاِخۡلَاص“پڙهندا هئا تہ اُن جي تعداد سؤ کان گهٽ نہ هوندي هئي. (تفريح الخاطر،ص35)

# نفل روزن جي ڪثرت

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! منهنجا مرشد حضور غوث پاڪ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ڪثرت سان روزا رکندا هئا.

تہ غوث پاڪ جا تمام مجڻ وارا اهو عهد ڪن تہ رمضان جو هڪ روزو بہ بلاعذر شرعي قضا نہ ٿيندو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ۽ معاذالله جيترا قضا ٿيا انهن جي سچي توبہ ڪيو ۽ انهن جي بہ قضا ڪيو، منهنجا مُرشد غوث پاڪ بعض اوقات وڻن جي پنن ۽ جنگلي ٻوٽين سان روزو افطار ڪندا هئا. مقصد هي تہ قَائِمُ اللَّيْل ۽ صَائِمُ النَّهَار (يعني رات جو جاڳڻ ۽ ڏينهن جو روزو رکڻ) سندن عادت بڻجي چڪي هئي.

حضرت شيخ ابو عبدالله محمد بن اَبي الْفَتح هرَوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ چند راتيون رهيس، انهن راتين ۾ مون سندن جو معمول هي ڏٺو تہ هڪ تهائي رات تائين نفل پڙهندا هئا ۽ پوءِ ذڪر ڪندا پوءِ ڪجهہ ورد پڙهندا هئا. مون پنهنجي اکين سان ڏٺو تہ ڪڏهن سندن جسم ڪمزور ٿي ويندو، ڪڏهن صحت مند، ڪنهن وقت منهنجي نگاهن کان غائب ٿي ويندا هئا پوءِ ٿوري دير بعد اچي ويندا هئا ۽ قرآن ڪريم پڙهندا هئا ايستائين جو رات جو ٻيون حصو گذري ويندو هو، پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه سجدا گهڻا ڊگها ڪندا هئا، پنهنجي چهري کي زمين تي رکندا هئا، تهجد ادا ڪندا هئا ۽ مراقبي ۽ مشاهدي ۾ طلوعِ فجر تائين وينا رهندا هئا پوءِ نهايت عاجزي ۽ نوڙت ۽ خشوع سان دعا گهرندا هئا.

ان وقت سندن کي اهڙو نور ڏِڪيندو هو جو نگاهن کان غائب ٿي ويندا هئا ايستائين جو فجر نماز جي لاءِ گهران ٻاهر نڪرندا هئا.

(بهجة الاسرار، ذکر طريقه، ص١٦٤ملخصا)

## غوث پاڪ جو خوفِ خدا

اي عاشقانِ غوث اعظم! الله وارن جو هميشہ اهو طريقو رهيو آهي تہ ڪوڙ نيڪيون ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي باوجود اهي تمام گهڻو خوفِ خدا رکندا هئا. اسان جا آقاءِ اسان جا مرشد غوث پاڪ بہ بي پناهہ خوفِ خدا رکندا هئا، جيئن تہ حضرت شرفُ الدّين سَعدِي شِيرازِي رَحْمَةُ الله عَلَيه فرمائن ٿا: مسجدُ الحرام ۾ ڪجهہ ماڻهو ڪعبةُ الله شريف جي ويجهو عبادت ۾ مصروف هئا. اوچتو اُنهن هڪ شخص کي ڏٺو تہ ڪعبي جي ديوار سان چمٽي زاروقطار روئي رهيو آهي ۽ ان جي چپن تي اها دُعا جاري آهي، "اي الله! جيڪڏهن منهنجا عمل تنهنجي بارگاهہ جي لائق نہ آهن تہ قيامت جي ڏينهن مون کي انڌو اٿارجان." ماڻهن کي اها عجيب وغريب دُعا ٻڌي گهڻو تَعَجُّب ٿيو، پوءِ اُنهن دُعا گهرڻ واري کان پڇيو،"اي شيخ! اسان تہ قيامت ۾ عافيت جا طلب گار آهيون ۽ اوهان انڌو اٿارڻ جي دُعا ڪري رهيا آهيو، ان ۾ ڪهڙو راز آهي؟" ان شخص روئيندي جواب ڏنو، "منهنجو مطلب هي آهي تہ جيڪڏهن منهنجا عمل الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ جي لائق نہ آهن تہ مان قيامت ۾ انڌو اٿاريو وڃڻ پسند ڪيان ٿو جو مون کي ماڻهن جي سامهون شرمسار نہ ٿيڻو پوي." اهي سڀ هي

عارفاڻو جواب ٻڌي بي حد متاثر ٿيا پر پنهنجي مُخاطب کي سڃاڻيندا نہ هئا، ان ڪري پڇيو، ”اي شيخ! اوهان ڪير آهيو؟" ان جواب ڏنو: "مان عبدُالقادر جيلاني آهيان.“ (خوفِ خدا،ص ۱۱۹،گلستانِ سعدي،ص۴۵)

## غوث پاڪ جي عيد

حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اولياءِ ڪرام جا سردار آهن پر خوفِ خدا جو جيڪو عالَم هيو ان جو اندازو هنن شعرن مان لڳائي سگهجي ٿو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عيد جي ڏينهن فرمايائون: ( انهن شعرن جو ترجمو): **”يعني ماڻهو چون ٿا تہ سڀاڻي عيد آهي! سڀاڻي عيد آهي! ۽ سڀئي خوش آهن پر مان تہ جنهن ڏينهن هن دنيا مان پنهنجو ايمان سلامت کڻي ويندس منهنجي لاءِ اهو ئي ڏينهن عيد جو هوندو.“** (فيضانِ رمضان،ص309)

ہے عطار کو سلبِ ایماں کا دھڑکا
بچا اس کا ایماں بچا غوثِ اعظم
ہو عطار کی بے سبب بخشش آقا
یہ فرمائیں حق سے دعا غوثِ اعظم

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! اسان ڪهڙا غوثِ پاڪ جا عاشق آهيون جو اسان جا پيرومرشد تہ پيرانِ پير، ولين جا سردار ٿي ڪري بہ ايتري عبادت جي ڪثرت ڪن ۽ هڪ اسان آهيون جو اسان کان فرض نماز بہ نٿي پڙهي وڃي ۽ پڙهون بہ تہ بنا اجازتِ شرعي جماعت کان بغير. ياد رکو: منهنجا آقااعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو(هڪ) نماز قضا ڪندو آهي تہ اهو هزارين سال جهنم جي

عذاب جو حقدار آهي.(فتاوٰی رضویہ، 9 / 158 ) ۽ هي بہ ياد رکو تہ جاڳي واٽي بنا اجازتِ شرعي جماعت ڇڏڻ بہ سخت گناهہ آهي. محبت ڪرڻ وارو پنهنجي محبوب جي نقشِ قدم تي هلندو (يعني ان کي فالو ڪندو) آهي. تنهنڪري اسان کي بہ گهرجي تہ محبتِ غوثِ اعظم جي دعويٰ ڪرڻ سان گڏوگڏ نمازن جي بہ پابندي ڪريون، فرض روزا رکون، هميشہ هرحال ۾ سچ ڳالهايون ۽ الله پاڪ کان ڊڄندا رهون. ڪاش ڪاش ڪاش!!!

گناہوں نے مجھ کو کہیں کا نہ چھوڑا
نہ ہو جاؤں برباد یا غوثِ اعظم

مجھے نفسِ ظالم پہ کر دیجے غالب
ہو ناکام ہمزاد یا غوثِ اعظم

مرے قلب سے حبِّ دنیا کی مرشد
اکھڑ جائے بنیاد یا غوثِ اعظم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ديدار مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

حضرت شيخ عبدُالقادر جِيلاني رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هڪ ڀيري منبر تي ويهي ارشاد فرمايو: ”مون تي هڪ ڀيري اڳاري جي ڏينهن ظهر کان پهريان رسول پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم فرمايو، پنهنجي زِيارت سان نوازيو ۽ ارشاد فرمايو: پُٽ! تون بَيان ڇو نہ ٿو ڪرين؟ مون عَرض ڪيو: اي منهنجا نانا جان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! آئون هڪ عجمي (غير عربي) آهيان، بغداد ۾ فُصَحاء ( بغداد جي وڏن وڏن فصيح بهترين ڪلام ڪرڻ وارن) جي

سامهون بيان ڪيئن ڪريان؟ تہ سَرڪار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن مون کي فرمايو: پُٽ! پنهنجو وات کول! مون پنهنجو وات کوليو، تہ حُضُور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن منهنجي وات ۾ ست (7) ڀيرا پنهنجو لُعابِ مُبارڪ وِڌو ۽ مون کي فرمايو: ماڻهن جي سامهون بيان ڪندو ڪر ۽ انهن کي پنهنجي رَبّ جي طرف عُمده حڪمت ۽ نصيحت سان گُهراءِ! پوءِ مون نمازِ ظُهَر اَدا ڪئي ۽ ويهي رهيس، مون وٽ ڪيترائي ماڻهو جمع ٿي ويا، مون تي هڪ عجيب خوف طاري هو تہ مون اوچتو وِجداني ڪيفيت ۾ ڏٺو تہ اَمِيرُالمؤمنين حضرت سيدُنا عَلي اَلْمُرتَضٰي، شَيرِ خدا ڪَرَّمَ اللّٰہُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم منهنجي سامهون بيٺا آهن ۽ فرمائي رهيا آهن تہ پُٽ! تون بَيان ڇو نہ ٿو ڪرين؟ مون عَرَض ڪيو: اي منهنجا والد! مون تي خوف طاري آهي. تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: اي منهنجا پٽ! پنهنجو وات کول! مون پنهنجو وات کوليو، تہ پاڻ منهنجي وات ۾ ڇهہ (6) ڀيرا لُعاب وِڌو، مون عَرَض ڪيو تہ اوهان ست (7) ڀيرا ڇو نہ وِڌو؟ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ جن فرمايو: رَسُوْلُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ادب جي سبب. پوءِ اُهي منهنجي اکين جي سامهون کان غائب ٿي ويا.

(بہجۃ الاسرار، ص۵۸)

عُلوم و فیوض شہنشاہِ طیبہ
ہیں سینے میں تیرے نِہاں غوثِ اعظم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!
صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غوث پاڪ جي نيڪي جي دعوت

شهنشاهِ بغداد، حُضُور غوثِ پاڪ رَحمۃُ اللہِ عَلَیْه نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو آغاز ماهِ شَوّالُ الْمُڪَرَّم 521ھ ۾ بغدادِ مُعلّي جي اوير ۾ موجود حلبہ نالي محلي ۾ ٿيڻ واري هڪ عظيمُ الشّان اجتماع ۾ بيان سان فرمايو، ان عظيمُ الشّان اجتماع ۾ هيبت ۽ رونق پريو پُرڪيف منظر هو، اولياءِ ڪرام ۽ فِرِشتن ان کي ڍڪي رکيو هو، پاڻ رَحمۃُ اللہِ عَلَیْه جن ڪتاب ۽ سُنت جي تَصريح سان گڏ ماڻهن کي الله تبارَڪ وَتَعَالٰي جي طرف گهرايو تہ سڀ ماڻهو اِطاعت ۽ فرمانبرداري جي لاءِ جلدي ڪرڻ لڳا. (بہجۃالاسرار، ذکروعظہ ،ص۱۷۴)

سرڪارِ غوثِ پاڪ رَحمۃُ اللہِ عَلَیْه جا پيارا پٽ حضرت عبدالوهاب رَحمۃُ اللہِ عَلَیْه فرمائن ٿا: والد محترم 521 هجري کان 561 هجري تائين چاليهہ (40) سال مخلوق کي وعظ و نصيحت فرمائي.

(بہجۃ الاسرار، ذکر وعظہ، ص۱۸۴)

## مبارڪ آواز سيني کي هڪجيترو ٻڌڻ ۾ ايندو هو

حضرت شيخ عبدالقادرجيلاني رَحمۃُ اللہِ عَلَیْه جي اجتماعِ پاڪ ۾ باوجود هن جي جو اجتماع ۾ شريڪ ٿيندڙ تمام گهڻا هوندا هئا پر سندن جو آواز مبارڪ جيئن ويجهو وارن کي ٻڌڻ ۾ ايندو هو ائين ئي پري وارن کي بہ ٻڌڻ ۾ ايندو هو يعني پري ۽ ويجهو وارن جي لاءِ سندن مبارڪ آواز هڪجيترو هو. (بہجۃ الاسرار، ذکر وعظہ، ص۱۸۱)

حضرت ابراهيم بن سعد رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْه فرمائن ٿا: ”جڏهن اسان جا شيخ حضورِ غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْه عالِمن وارو لباس پائي اونچي مقام تي جلوه افروز ٿي بيان ڪندا هئا ته ماڻهو **غوثِ پاڪ** رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْه جي مبارڪ ڪلام کي غور سان ٻڌندا هئا ۽ ان تي عمل ڪندا هئا.“ (بهجة الاسرار ، ذکر وعظه، ص۱۸۹)

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! قربان وڃو منهنجي مرشد غوث پاڪ جي آواز تي! اها سندن پياري ڪرامت هئي جو جهڙو آواز پهرين ماڻهن کي ٻڌڻ ۾ ايندو هيو تهڙو آخري وارن کي به ٻڌڻ ۾ ايندو هيو ۽ سُبْحٰنَ الله! سندن مجلس ۾ ستر ستر هزارن جو اجتماع ٿيندو هيو، اسان جو آواز لائوڊ اسپيڪر جي ذريعي به پري پهچائڻ جي لاءِ پرابلم ٿيندي آهي، ڪڏهن سائونڊ هڪدم وڏي ويندو ته ڪڏهن گهٽ ٿي ويندو آهي.

## 70 هزار جو اجتماع

منهنجا مرشد شهنشاهِ بغداد حضوت غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللہِ عَلَیْه فرمائن ٿا شروعات ۾ سمهندي جاڳندي هر وقت رڳو اَمْرٌ بِالْمَعْرُوْفِ وَنَهْيٌ عَنِ الْمُنْكَرِ (يعني نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان منع ڪرڻ) جي ڌُن سوار هوندي هئي ۽ تبليغ قرآن و سنت جي لاءِ ايتري قدر بيقرار رهندو هيس جو پاڻ تي به اختيار نه رهندو هو ۽ مون وٽ به يا ٻه ماڻهو به هوندا هئا ته مان انهن کي ئي قرآن و سنت جون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳندو هيس پوءِ مون وٽ ماڻهن جي ايتري ته گهڻي رش ٿيڻ لڳي جو مجلس ۾ جڳهه باقي نه رهندي هئي. جيئن ته مان عيد گاهه ويس

۽ وعظ و نصيحت ڪرڻ لڳس، اُتي بہ جڳهہ سوڙهي ٿي وئي تہ ماڻهو منهنجو منبر شهر کان ٻاهر ڪٽي ويا ۽ بيشمار مخلوق سواري تي ۽ پيادل ايندي ۽ اجتماع جي ٻاهران چارو طرف ويهي وعظ ٻڌندي هئي ايستائين جو ٻڌڻ وارن جو تعداد ستّر هزار(70000) جي ويجهو پهچي ويو. (بہجۃ الاسرار،ص177 ملخصاً)

وَعظوں کی تیرے مُرشِد ہے دُھوم چار جانب
میں بھی کبھی تو سُن لوں میٹھا کلام کہنا
جلوہ دِکھانا مُرشِد کلمہ پڑھانا مُرشِد
جس دَم ہو زندگی کا لبریز جام کہنا
اُفتاد آ پڑی ہے اِمداد کی گھڑی ہے
فریاد کر رہا ہے تیرا غلام کہنا
سائل نوازِشوں کا کہتا تھا سازِشوں کا
مُرشِد ہو دشمنوں کا قصّہ تمام کہنا
عطّار کو بُلا کر مُرشِد گلے لگا کر
پھر خوب مُسکرا کر کرنا کلام کہنا
بغداد کے مسافر میرا سلام کہنا
بغداد کے مسافر میرا سلام کہنا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غوث اعظم جي بيان ۾ اولياءِ ڪرام جي حاضري

منقول آهي تہ غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جڏهن وعظ جي لاءِ منبر تي تشريف فرما هوندا هئا تہ پاڻ جيئن ئي اَلحَمدُلله! چوندا هئا تہ روءِ زمين ۾ جيتري قدر اولياءِ ڪرام هئا چاهي اجتماع ۾ موجود هوندا هئا يا موجود نہ هوندا هئا سيئي خاموش ٿي ويندا هئا، اهو ئي سبب آهي جو پاڻ هڪ ڀيرو اَلحَمدُلله! چوڻ کان بعد توري دير ويهندا ۽ پوءِ بيان جو آغاز فرمائيندا هئا ۽ ايتري دير ۾ اجتماع ۾ ايتري قدر هجوم ٿي ويندو هيو جو جيتري قدر ماڻهو ظاهر ۾ نظر اچي رهيا

هوندا هئا ان کان گهڻا ٻڌڻ وارا ۽ حاضرين اهڙا هوندا هئا جيڪي ظاهري اک کان نظر نہ ايندا هئا. (اخبار الاخيار، ص 12)

**پاڻ** رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ اجتماع ۾ شريڪ ٿيندڙن جي دلين جي مطابق بيان فرمائيندا هئا ۽ ڪشف سان انهن ڏانهن متوجهہ ٿي ويندا هئا، جڏهن **غوثِ پاڪ** رَحمَۃُ اللہِ عَلَیہ منبر تي بيهي رهندا هئا تہ سندن جي جلال (رُعب ۽ دٻدٻي) جي ڪري ماڻهو بہ بيهي رهندا هئا ۽ جڏهن پاڻ انهن کي چپ رهڻ جو فرمائيندا هئا تہ سيئي ائين ماٺ ٿي ويندا هئا جو سندن جي هيبت جي ڪري انهن جو ساهہ جي آواز کان علاوه ٻيو ڪجهہ ٻڌڻ ۾ نہ ايندو هو. (بهجة الاسرار، ذکر وعظه، ص١٨١)

واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا
اُونچے اُونچوں کے سَروں سے قدَم اعلیٰ تیرا

سر بھلا کیا کوئی جانے کہ ہے کیسا تیرا
اولیا ملتے ہیں آنکھیں وہ ہے تلوا تیرا

کیا دَبے جس پہ حِمایت کا ہو پنجہ تیرا
شیر کو خطرے میں لاتا نہیں کُتّا تیرا

غَرض آقا سے کروں عَرض کہ تیری ہے پناہ
بندہ مجبور ہے خاطِر پہ ہے قبضہ تیرا

حُکم ناقِذ ہے ترا خامہ ترا سیف تری
دم میں جو چاہے کرے دَور ہے شاہا تیرا

فخرِ آقا میں رضاؔ اور بھی اِک نظمِ رَفیع
چل لکھالائیں ثناخوانوں میں چہرا تیرا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت خضر عَلَيۡهِ السَّلَام جي آمد

حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: شهنشاهِ بغداد، حضور غوث پاڪ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي مجلس شريف ۾ تمام اولياءِ ڪرام جسماني حيات ۽ روحن سان (يعني پنهنجي روحن سان) پڻ جنّ ۽ ملائڪ تشريف ڪٽي ايندا هئا ۽ (ڪيترائي پيرا ته) رسول پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به تربيت ۽ حمايت فرمائڻ جي لاءِ تشريف فرما ٿيندا هئا، حضرت خضر عَلَيۡهِ السَّلَام اڪثر اوقات سندن مجلس ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ نه صرف پاڻ تشريف ڪٽي ايندا هئا بلڪ اُن دور جي جنهن به بُزرگ سان سندن ملاقات ٿيندي هئي ته اُن کي به مرشد غوث پاڪ جي مجلس ۾ حاضر ٿيڻ جي تاڪيد فرمائيندا هئا ته ”**جنهن کي به ڪاميابي جي خواهش هجي ان جي لاءِ غوث پاڪ جي مجلس شريف جي هميشه حاضري ضروري آهي.**“ (اخبار الاخيار، ص 13)

جسے شک ہو وہ خضر سے پوچھ دیکھے  تیری مجلسوں کا سماں غوثِ اعظم

## خواب جو منظر سچاڳي ۾

منهنجا مُرشد، شهنشاهِ بغداد، حضورغوث پاڪ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ هڪ ڏينهن بيان ڪري رهيا هئا ۽ سندن خاص مُريد ۽ پهريان خليفا شيخ علي بن هَيتي رَحمَۃُاللہِ عَلَیْہ سندن پرسان ويٺل هئا ته ڪين ننڊ اچي وئي ته، منهنجي مرشد، شهنشاه بغداد حضور غوث پاڪ رَحمَۃُ اللہِ عَلَیْہ اهلِ مجلس کي فرمايو: خاموش ٿي وڃو، پوءِ پاڻ منبر تان هيٺ لٿا ۽

شيخ علي بن هَيتي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي سامهون باادب بيهي رهيا ۽ انهن ڏانهن ڏسڻ لڳا. جڏهن شيخ علي بن هيتي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خواب مان بيدار ٿيا ته حضرت غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه انهن کي ارشاد فرمايو ته اوهان خواب ۾ الله پاڪ جي پياري نبي کي ڏٺو آهي؟ انهن جواب ڏنو: جي ها. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايائون: مان انهيءَ ڪري ته باآدب بيهي رهيو هيس پوءِ پاڻ پڇيائون ته نبي پاڪ اوهان کي ڪهڙي نصيحت فرمائي؟ ته انهن عرض ڪيو: پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته **”شيخ عبدالقادر جيلاني** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **جي خدمت ۾ حاضري کي لازم ڪيو.“** هن کان پوءِ ماڻهن شيخ علي بن هيتي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان پڇيو ته حضور غوث اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي هن فرمان جو مطلب ڇا هيو ته مان انهيءَ ڪري باآدب بيهي رهيو هيس ته ولي ڪامل شيخ علي بن هيتي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: **”مان جيڪو ڪجھ خواب ۾ ڏسي رهيو هيس غوث پاڪ اُن کي جاڳندي اکين سان ڏسي رهيا هئا.“** (بہجۃ الاسرار، ص 58)

وَرَفَعۡنَالَکَ ذِکۡرَکَ کا ہے سایہ تجھ پر
بول بالا ہے ترا ذِکر ہے اُونچا تیرا

## غوث اعظم جي بيان ۾ جنن جي حاضري

حضرت شيخ اَبُو زڪريا يحي بن ابي نَصر صحراوي جا والد ماجد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِما فرمائن ٿا ته مان هڪ پيرو عمل جي ذريعي جنن کي گهرايو ته انهن ڪجھ وڏيڪ دير ڪري ڇڏي مون وٽ اچي چوڻ لڳا: **”جڏهن شيخ سيد عبدالقادر جيلاني** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **بيان ڪري رهيا هجن ته ان وقت اسان کي سڏڻ جي ڪوشش نه ڪندا ڪيو.“** مون چيو: ڇو

پلا؟ انهن جواب ڏنو: اسان حضور غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مجلس ۾ حاضر ٿيندا آهيون. مون چيو: توهان بہ ان مجلس ۾ ويندا آهيو. انهن چيو: هائو، اسان مردن مان گهٽي تعداد ۾ هوندا آهيون، اسان جا ڪوڙ گروهہ آهن جن اسلام قبول ڪيو آهي ۽ انهن سيني حضُور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي هٿ تي بيعت ڪئي آهي. (بہجۃ الاسرار، ص 180)

## 13علوم ۾ بيان

حضرت شيخ عبد الوهاب شعراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: "حضرت سيّدنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تيرهن علومن ۾ بيان ڪندا هئا." هڪ ٻي جڳهہ تي فرمائن ٿا: حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مدرسي شريف ۾ ماڻهو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان تفسير، حديث، فقہ ۽ علم الڪلام پڙهندا هئا، منجهند کان پهريان ۽ بعد ۾ ٻئي وقت ماڻهن کي تفسير، حديث، فقہ، ڪلام، اصول ۽ نحو پڙهائيندا هئا ۽ ظهر کان پوءِ قرائتن سان قرآنِ ڪريم پڙهائيندا هئا. (اخبار الاخیار، ص۔ 11)

منهنجا مرشد، شهنشاهِ بغداد حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ هفتي ۾ ٽي بيان ڪندا هئا، مدرسي ۾ جمعي جي صبح جو، آچاري جي شام جو ۽ سراء (يعني مهمان خاني) ۾ آچر جي صبح جو بيان ڪندا هئا. (قلائد الجواہر،ص18)

ڪين مجلس ۾ 400 زبردست عالم سندن بيان کي لکندا هئا ۽ بعض اوقات مجلس جي حالت ۾ پاڻ هوا ۾ چند قدم اڏامي پوءِ ڪرسي تي اچي ويهندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي دل چاهي

تي تہ جهڙي طرح مان اڳ ۾ جهنگلن ۾ هيس هاڻي بہ جهنگلن ۾ رهان تہ نہ مان ماڻهن کي ڏسان نہ اهي مون کي ڏسن پوءِ فرمايائون تہ الله پاڪ مون سان اِهو گهريو تہ ماڻهن کي فائدو پهچي چوتہ منهنجي هٿ تي يهود و نصاريٰ مان پنج سؤ کان وڌيڪ مسلمان ٿيا آهن ۽ منهنجي هٿ تي هڪ لک کان وڌيڪ بي عمل توبہ تائب ٿيا آهن ۽ اها وڏي نيڪي آهي. (بهجة الاسرار، ص۔ 184)

بیاں سُن کے توبہ گنہگار کرلیں      زباں میں وہ دیدو اثر غوثِ اعظم

## غير مسلمانن جو قبولِ اسلام

هڪ ڀيري حضور غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِ جي خدمت ۾ 13 غير مسلم آيا ۽ سندن هٿ تي وعظ جي مجلس دوران مسلمان ٿيا پوءِ چوڻ لڳا اسان مغرب جي علائقي جا (غيرمسلم) آهيون. اسان مسلمان ٿيڻ جو ارادو ڪيو پر اسان کي شڪ هو تہ ڪٿي وڃي اسلام قبول ڪيون ڪو فيصلو ڪري نہ سگهندا هئاسين. تڏهن اسان غيب مان آواز ٻڌو تہ: اي ڪامياب جماعت! توهان بغداد وڃو ۽ شيخ عبدالقادر جي هٿ تي مسلمان ٿيو چوتہ ان جي برڪت سان توهان جي دلين ۾ اهو ايمان ڏنو ويندو جيڪو بي هنڌان حاصل نہ ٿيندو." (بهجة الاسرار، ص۔ 185)

قلبِ مُردہ کو بھی ٹھوکر سے جِلادو مرشِد      بالیَقیں تم نے تومُردوں کو جِلایا یاغوث

## "نَحو" جو امام بڻائي ڇڏيو

امام ابو محمد بن خشّاب نُحوي چون ٿا: مان جواني جي عمر ۾ علمِ نحو (عربي گرامر) پڙهندو هيس. مان ماڻهن کان حضور غوثِ

پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي دلنشين بيان جون خوبيون ٻڌندو هيس. مان ارادو ڪندو هيس تہ مان سندن جو بيان ٻڌان پر مون کي وقت ڪونہ ملندو هو هڪ ڏينهن مون پڪو ارادو ڪري ورتو ۽ حضور غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي مجلس ۾ حاضر ٿي ويس جڏهن پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه ڪلام فرمايو: تہ منهنجي دل کي سندن ڪلام ۾ ڪو مزو ڪونہ آيو ۽ نہ ئي مان ڪلام سمجهي سگهيس. مون پنهنجي مَن ئي مَن ۾ چيو منهنجو اڄوڪو ڏينهن ضايع ٿي ويو. انهيءَ وقت حضور غوثِ پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه منهنجي طرف متوجھ ٿي ارشاد فرمايو: تون هلاڪ ٿئين تون ذِڪر جي مجلس کي علمِ نحو(عربي گرامر) تي فضيلت تو ڏئين ۽ ان کي اختيار ڪرين تو؟ اسان جي صحبت اختيار ڪر اسان توکي (عربي گرامر جو مشهور امام) سِيبَوَيہ بڻائي ڇڏينداسين. اهو ٻڌي عبدالله خُشّاب نحوي غوثِ اعظم رَحمَةُ اللهِ عَلَيه وٽ ئي رهڻ لڳا جنهن جو نتيجو اهو ظاهر ٿيو تہ پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه نحو سان گڏوگڏ ڪيئي علوم جا ماهر بڻجي ويا. (قلائد الجواهر، ص۔ 32، تاريخ الاسلام للذهبی، ج۔ 39، ص۔ 267)

| | | | |
|---|---|---|---|
| سلطانِ ولایت | غوثِ پاک | ولیوں پہ حکومت | غوثِ پاک |
| شہبازِ خطابت | غوثِ پاک | فانوسِ ہدایت | غوثِ پاک |
| اللہ کی رحمت | غوثِ پاک | ہیں باعثِ برکت | غوثِ پاک |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو





عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net